FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION

COMPETITIVE EXAMINATION FOR RECRUITMENT TO THE POSTS IN

BPS-17, UNDER THE FEDERAL GOVERNMENT, 2004

SINDHI

TIME ALLOWED: THREE HOURS **MAXIMUM MARKS: 100**

نوٽ: ڪي به پنج سوال حل ڪريو. سوال نمبر اٺون لازمي طور حل ڪرڻو آهي. هر هڪ سوال ني هڪ جيترين مارڪون رکيل آهن.

١. «ڪن ماهرن جو خيال آهي ته سنڌي ٻولي ٻارهين صدي عيسوي ۾ وجود ۾ آئي». پنهنجي مطالعي جي آڌار تي هن راءِ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريو.

٢. «شاه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻولي جو معمار آهي». شاهه جي ڪلام جي مدد سان هن راءِ تي مثالن سان روشني وجهو.

٣. ڪن نقادن جي راءِ ۾ سنڌي ٻولي ۾ جي ترقي پسند ادب جو باني ڪشنچند «بيوس» هو. مثالن سان، سنڌي ٻولي ۾ جي ترقي پسند ادب جي شروعات ۽ ارتقا تي وضاحتي مضمون لکو.

٤. «جديد سنڌي نثر جي باني شمس العلماء مرزا قليچ بيگ هو». سنڌي ادب جي تاريخ مان مثال ڏيئي هن راءِ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريو.

٥. سنڌي ٻولي ۾ جي صوفيانه ادب جي شروعات ڪڏهن ٿي ۽ ڪهڙي شاعر جي حوالي سان مڃي وڃي ٿي آهي؟ سنڌي ادب جي تاريخ جي حوالي سان، هن سوال جو وضاحتي جواب لکو.

٦. هيٺيان ڪتاب، سنڌي ادب جي ڪهڙين صنفن جي باري ۾ لکيل آهن، ۽ انهن جا مصنف ڪير آهن؟ ڪي به پنج جواب ڏيو.

گلشند، نيڻ سهڻي خيال جاڳيا، گيت اُجايل مورن جا، سيرو ڏاڙهل، سنڌي صحيفو، تذڪره لطيفي ۽ بندر بازاريون.

٧. (الف) هيٺ ڏنل پئراگراف جو آسان انگريزي ۾ ترجمو ڪريو:

سنڌي ادب جا لکت ۾ اُهڃاڻ، سڀ کان پهرين، سومرن جي دور (١٠١٠ع — ١٣٥١ع) ۾ ملن ٿا. هي ُ دور سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ اهم ور رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته قومي ۽ وطنيت جي جذبي ۽ خود قرباني واري جذبي جي لحاظ کان هيءُ دور خاص طور اهميت وارو آهي. هن دور جي سومرن جي سبق، سنڌ جي ماڻهن ۾ جاڳرتا آئي، سندن ارادا پختا ڪيا، ۽ سندن حوصلا بلند ڪيا. اڄ به هيءُ دور سنڌ جي نئين نسل جي ذهنن ۾ سندن زنده رهڻ جا جذبا ۽ اُمنگ اُجاگر ڪندو آهي.

(ب) Translate into easy, idiomatic Sindhi:

Much information about pre-Islamic Sindh can be gleaned from early Islamic sources. A typical example is the reference to the historical, Sindhian Era found in 'Alberuni's India' about the early Arabic translation (Alarkand) of Brohmagupta's astronomical work 'Khanda Khadayaka'. This translation was made at the new capital of Al-Mansurah in 117 A.H. (735 AD). The translation while recording this year of the Hijra Era also gave its equivalent of the Sindhian Era, viz: 'the month of Chaitra of the year 109 (S.E.).

لازمي سوال

٠٨. هيٺ ڏنل ڏنگين مان، صحيح جواب چونڊي، سوال حل ڪريو.

٠١. «پشو پاشا» ــــ جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. (ڊاڪٽر نجم عباسي، جمال ابڙو، آغا سليم)

٠٢. «اداس واريون» ــــ جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. (حيدر سنڌي، عبدالقادر جوڻيجو، علي بابا)

٠٣. «زوال» ناول جي مصنف جو نالو ــــ آهي. (غلام نبي مغل، وليرام ولڀ، ڊاڪٽر قاضي خادم)

٠٤. «غريبن جو ورثو» ڪتاب ــــ جي تصنيف آهي. (خانچند درياڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، نرائڻداس ڀمڀاڻي)

٠٥. «هوا جي سامون» ڪتاب ــــ جي شاعري ۽ جو مجموعو آهي. (تاجل بيوس، امداد حسيني، عنايت بلوچ)

٠٦. «لاٽ» ڪتاب جي مصنف جو نالو ــــ آهي. (تنوير عباسي، شمشير الحيدري، عبدالڪريم گدائي)

٠٧. «لغات لطيفي» ڪتاب ــــ جي تصنيف آهي. (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، غلام محمد شهواڻي، مرزا قليچ بيگ)

٠٨. «سنڌي غزل جي اوسر» ــــ جي تحقيق آهي. (شيخ اياز، نصير مرزا، ڊاڪٽر اياز حسين قادري)

٠٩. «ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر» ــــ جي ڪيل تحقيق آهي.

(ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ڊاڪٽر قاضي خادم، پروفيسر نورافروز خواجه)

١٠. «گل ڦلو گرفتار جو» ڊرامي جو ليکڪ ــــ آهي. (ممتاز مرزا، منظور نقوي، آغا سليم)

١١. «سنڌي سماجهڙا» ڪتاب ــــ لکيو آهي. (شهيد سردار علي شاهه، رشيد احمد لاشاري، محمد اسماعيل عرساڻي)

١٢. عبدالواحد سنڌي ــــ ماهوار رسالي جو پهريون ايڊيٽر هو. (مهراڻ، نئين زندگي، سهڻي)

١٣. «فيروز دل افروز» مرزا قليچ بيگ جو ترجمو ڪيل ــــ آهي. (ناول، ڊرامو، مضمونن جو مجموعو)

١٤. «خواب، خوشبو ۽ ڇوڪري» ڪتاب جو موضوع ــــ آهي. (ڪهاڻيون، شاعري، ناول)

١٥. «رهنماءِ شاعري» ڪتاب ــــ موضوع جي باري ۾ آهي. (ادب ۽ تنقيد، ڪافيون، گيت)

١٦. «سنڌي ٻولي ۽ جو اڀياس» ڪتاب جو مصنف ــــ آهي.

(سراج، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا)

١٧. «سانوڻ ۽ ڪارو پنو» ڪتاب جو موضوع ــــ آهي. (تنقيدي ادب، آتم ڪهاڻي، سفرنامو)

١٨. «ڇوٽيهون در» افسانو ــــ لکيو هو. (امر جليل، جمال رند، نسيم احمد کرل)

١٩. «سنڌي ادب جو تاريخي جائزو» ــــ جي تحقيق آهي.

(خان بهادر محمد صديق ميمڻ، عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي)

٢٠. «بردو سنڌي» سنڌي شاعري ۾ جي ــــ صنف جو شاعر هو. (گيت، غزل، نظم)

ــــــــ